# عبدالڪريم گدائي ون يونٽ جي دور جو اهم ترقي پسند شاعر

# Abdul Kareem Gadai: A Famaus Progressive Poet of One Unit Period


**_Abstract:_**

*Abdul Kareem Gadai is the poet of Sindhi Aroozi Poetry. There are four books of poetry in his credit. Gadai is known as prograsive Poet in the history of Sindhi literature. No dout Abdul Kareem Gadai was the revolutionary poet of Sindhi Language.*


عبدالڪريم گدائي ولد بجار خان لاشاري، [1 جنوري 1901ع – 28 جنوري 1978ع] ڳوٺ ڪريم آباد، تعلقي جيڪب آباد ۾ ڄائو. مستقل رهائش جيڪب آباد ۾ اختيار ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان سکر مان پاس ڪري ٽپال کاتي ۾ نوڪري ڪيائين. جلد ئي ان نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏئي، خانگي ملازمت ڪرڻ لڳو. لطف الله بدوي جي صحبت ۾ شاعريءَ جي تعليم ۽ تربيت حاصل ڪري، گدائي تخلص اختيار ڪري باقاعده شعر چوڻ لڳو. ان زماني ۾ سندس شاعري 'سنڌو' رسالي ۾ ڇپبي هئي. شروع ۾ هڪ ننڍو مجموعو لطف الله جوڳي جي ڪلام سان گڏ "نغمه مستانه" جي نالي سان ڇپجي پڌرو ٿيو. عروضي صنفن سان گڏ ڪافي به واهه جي لکندو هو. سندس ڪافيون عام محفلن ۾ ڳايون ويندڀون هيون ۽ ڪن ڪافين جا فونوگرام تي هلندڙ رڪارڊ به جڙيا جيڪي اڪثر جيوڻيءَ ٻائي جي آواز ۾ هئا. عشقيه شاعري جي موضوع تي نظم نويسي ۾ شهرت حاصل ڪيائين. ٿل ۾ ڪانگريس ڪاميٽي جو سيڪريٽري رهيو. سماجي ۽ سياسي سجاڳي گدائيءَ کي هر حلقي ۾ ناموري ڏياري هئي. سندس شاعريءَ جا ٽي مجموعا "ساٽيهه جا سور" (1965ع)، "ڪتڙا ۽ پنهوار" (1970ع) ۽ "پيماني تي پيمانو" سال شايع ٿيل آهن. انهن کان سواءِ جيڪب آباد ضلعي جي تاريخ تي لکيل سندس ڪتاب "خانڳڙهه کان جيڪب آباد" تائين ڇپيل آهي.

عبدالڪريم گدائي ترقي پسند فڪر ۽ مزاحمتي شاعريءَ جي تاريخ ۾ مٿانهون مقام حاصل ڪندڙ شاعر آهي. هن مظلوم طبقن جي ترجماني ڪري



انسانيت سان بي پناهه محبت ۽ خلوص لاءِ پاڻ ۽ پنهنجي شاعريءَ کي وقف ڪري ڇڏيو. جيڪب آباد ۾ ٿيندڙ ساليانن جلسن ۾ گدائي سموري سنڌ جي شاعرن کي سڏي وڏا مشاعرا منعقد ڪرائيندو هو. جن ۾ هو پنهنجي فڪري ۽ مزاحمتي شاعري پيش ڪري وڏو داد حاصل ڪري وٺندو هو. ون يونٽ جي دور ۾ شايع ٿيل رسالن ۾ گدائي جي شاعري جا اهڙا مثال آهن جي ڪڏهن به فراموش ٿي نه ٿا سگهن.

شيخ اياز هن جي پهرين مجموعي "ساٽيهه جا سور" جي پيش لفظ ۾ لکي ٿو ته:

> هن جي هر سٽ ٽري ناٽ ٽري جي گولي آهي، جا هن دٻڙدونس ۽ ٻڪر ٻوساٽ واري ماحول کي دون ۾ لڳي ٿي. جاگيرداري نظام جي اندرين کوکلائپ جي اهڙي پرلطف عڪاسي شايد ئي ٻئي ڪنهن سنڌي شاعر ڪئي هجي. مون کي گدائي جو ڪلام پڙهي گوگل (Gogal) ۽ گويا (Goya) جي ياد ايندي آهي. پهرين جي روسي ناول ۽ ٻئي جي هسپانوي مصوريءَ ۾ به ساڳي زهر ڀري طنز آهي. ادبي طنز همدرديءَ جي اڱ ڄائي ڌيءَ آهي. گدائي جي اها همدردي سنڌ جي انهيءَ اڌ بکئي، اڌ ننگي عوام سان آهي جو هن دلوراءِ جي نگريءَ ۾ ڪيتري مدت کان گهرج جي گهاڻي ۾ پيڙبو آيو آهي. (گدائي،1965: 4)

ساٽيهه جا سور"ان وقت جي ڊپٽي ڪمشنر مسرور حسن خان سي. ايس. پي جيڪب آباد عبدالڪريم گدائيءَ جو ڪتاب "ڊسٽرڪٽ ڊيولپمينٽ فنڊ" مان ڇپائي، پنهنجي سخن فهميءَ جو ثبوت ڏنو.

عبدالڪريم گدائيءَ جي شاعريءَ جو ٻيو مجموعو "پکڙا ۽ پنهوار" فيبروري 1975ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو. جنهن ۾ 1958ع کان مجموعي جي اشاعت تائين جو ڪلام شامل آهي، ان مجموعي ۾ بيت، قطعا، دوها، غزل، نظم، گيت، آزاد نظم شامل ڪيل آهن، جن ۾ سن 1947ع ۾ مليل آزاديءَ کان پوءِ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان ٿيل ڏاڍاين جا پڙاڏا نه بلڪ ڀرپور مزاحمت سمايل آهي، پر هن جهڙي مزاحمت جو ٻيو مثال شايد ملي، ڇاڪاڻ ته ان جي خيال، اظهار، ٻولي، پيشڪش ۽ موضوع جي سموري نوعيت عوامي لهجي ۾ ملي ٿي. هن مجموعي جو مهاڳ ستاويهن صفحن تي مشتمل آهي، جو نامور عالم، اديب، شاعر ۽ نقاد، غلام محمد گراميءَ جو لکيل آهي. گرامي

صاحب هڪ هنڌ لکي ٿو ته:

سنڌ جي بمبئيءَ کان علحدگيءَ کان وٺي، ون يونٽ جي ٺهرسازيءَ واري دور ۾ فنڪارن ۽ شاگردن، اديبن، شاعرن، دانشورن ۽ نوجوانن سان گڏجي، سندن باطل شڪن تحريڪن ۾ گدائي ڪيترو عملي حصو ورتو آهي، اگر ان کي بيان ڪيو وڃي ته پوءِ هوند وڏو وستار ٿي پوندو. گدائي محفل ۽ مجلس، جلسي ۽ جلوس ۾، هر موقعي تي، نوجوانن سان گڏ رهندو آيو آهي. افسوس هي آهي ته جديد دور، خاص طرح سان ون يونٽ جي دور ۾ جيڪا جدوجهد شروع ٿي، ان جي اجا ڪا مڪمل تاريخ نه لکي ويئي آهي. ايوب ۽ يحيٰ سرڪار جي دور ۾، اديبن ۽ شاعرن، دانشورن ۽ شاگردن، فنڪارن ۽ نوجوانن ڪلهو ڪلهي سان ملائي جنگ جوٽي هئي. (گرامي، 1975: 6)

ون يونٽ جي قيام کان پوءِ گدائي صاحب جي غزل جو مزاج ئي بدلجڻ لڳو.

ڊاڪٽر اياز قادري لکي ٿو ته:

ون يونٽ کي سنڌ وارن جي مرضيءَ خلاف دهڙدونس سان ٺاهيو ويو هو. تنهنڪري هتان جي عوام ۾ مايوسي ڇانئجي ويئي جنهن جو سنڌ جي شاعرن هنن لفظن ۾ اظهار ڪيو:

عجب انداز سان آئي چمن ۾ حور آزادي
جو هرهڪ گل گريبان چاڪ، دامان تار تار آيو.
(قادري، 1984: 394)

انهن ئي ڏينهن ۾ گدائي جي ڪلام ۾ اندوهناڪ ماحول جو اثر چٽو ڏسڻ ۾ آيو.

سڪون محال ٿو ڏسجي      ڪٿي قرار اجا؟
ٿيو بهار چمن کي      نه سازگار اجا
صبا به آئي ۽ چپ چاپ      وئي هلي ليڪن
ڪلي ڪلي کي آ      مشڪڻ جو انتظار اجا
اجا ته پئنورا پيا چوسن      لهو تا مڪڙين جو
ڪري گلن جو ٿو      گلچين هتي شڪار اجا



خزان جو دور ته گذري      ويو مگر افسوس
ڪنهين به شاخ تي آيو      نه برگ و بار اجا
اجا ته ڏاڍو آ گابو      جهان هستي ۾
ستم زدن کي ميسر      ڪٿي قرار اجا
اجايلن کي ته سرڪي به      ڪا نصيب نه ٿي
لکي ٿو موت حياتيءَ      جي ڪسمپرسي تي
عروسِ زندگي ڏسجي      ٿي سوگوار اجان.

رشيد ڀٽي لکي ٿو ته:

چاچي گدائي کي اسان اياز، تنوير ۽ نياز سان اسٽيج تي شعر پڙهندي ڏٺوسين. چاچو گدائي سنڌ جو اهو شاعر آهي جو وقت جي ڪيترين ئي آزمائشن هيٺ آيو پر سوچ جي سفر ۾ وِڪ پٺتي نه رکي آهي، اڳتي ئي وڌندو رهيو آهي. هو هر دور ۾ ترقي پسند رهيو آهي ۽ صيحح معنيٰ ۾ عوامي شاعري جو زنده مثال ٿي عوام آڏو پيش ٿيو آهي. (ڀٽي، 1975: 129)

عبدالڪريم گدائي جي زندگي لاءِ وڌيڪ لکي ٿو ته.

زندگي جي بي رخي، بي قدري ۽ بي مروتي اسان جي فنڪارن لاءِ مقدر بڻجي چڪي آهي، ڪنهن سان دنيا ۽ دنيا وارن نه رهايو آهي، چاچو گدائي به انهن مان هڪ آهي.

زندگي تنهنجي ادائن کان ٿيو بِر آهيان،
ٿورڙو رحم پيي ڪر، نيٺ ته شاعر آهيان!
(ڀٽي، 1975: 130)

ون يونٽ جي دور ۾ مختلف شاعرن جي ڪلام جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته انهن سياسي ۽ سماجي ڏاڍاين جا سور سهندي پنهنجي رهبر شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ سان مخاطب ٿي سورن سلڻ جي هڪ روايت قائم ڪئي. ان روايت جي شروعات شايد شيخ اياز هن بيت سان ڪئي آهي:

جاڳ ڀٽائي گهوٽ، سنڌڙي تي توکي سڏي،

مرن پيون مارويون، قابو آهن ڪوٽ،
اڄ تہ تنهنجي اوٽ، ڏاڍن کي ڏاري ڇڏيون.

انهيءَ روايت جو امين عبدالڪريم گدائي بہ نظر اچي ٿو. چاچي گدائي جي هيٺ ڏنل ڪلامن جو انتخاب "پکڙا ۽ پنهوار" ۽ "ساٽيهہ جا سُور" تان ورتو ويو آهي:

## پٽ ڏٽي

پٽ ڏٽي اڄ اچي پنهنجا،
اُهي پنهوار تہ ڏس!
حال هيٺن جا ۽ ڏاڍن سندا ڏهڪار تہ ڏس.
مارويون اڄ پيي هتي اڄ ڪوٽ ۾ آهن قابو،
ڏاڍ ڏاڍن جا ۽ عمرن سندا آزار تہ ڏس!
سسيون روهہ جبل ۾ ٿيون رُلن خاڪ بسر،
پنهنجي ساٽيهہ سندا ساٿ ۽ سينگار تہ ڏس!
وات واڳن جي سوين سنڌ جون سهڻيون آهن!
چيڪ چڙواڳ هتي سيس ۽ سيسار تہ ڏس!
اڄ بہ پورهيت کي ملي ڪين ٿو ماني جو ڀُڳو،
ڪار ۾ اڄ پيي ڪري عيش ٿو بيڪار تہ ڏس!
لعل عصمت جا وڪامن ٿا اڃا ڪوڏين تي،
ماس ماڻهوءَ جو ملي ٿو سرِ بازار تہ ڏس!
تنهنجي مارُن کان کسيو آ ويو ماني جو ڀُڳو،
تنهنجي ڌرتي تي ڪري، عيش ٿو اغيار تہ ڏس.
تنهنجي ساٽيهہ جي سائين ٿو مان تصوير چٽيان،
باغ جنت مان ليئو پائي سا سرڪار تہ ڏس.

ڀٽائي جي حضور ۾ 'سرڪار ڀٽائي' جي عنوان سان پيش ڪيل مربع نظم جي هڪ بند ۾ هيئن اظهار ڪيو اٿائين:

هر چور، لٽيرو هتي سڌجي ٿو وڏيرو،
قسمت ۾ غريبن ۾ اجان آيو نہ ڦيرو،



آ باز اڃا ڏاڍو ۽ ڪمزور آ ڀيرو،
هن ديس جي قسمت ۾ آ اڃان آهي انڌيرو،
ساٽيهہ ۾ آئي نہ اڃا واءُ سٽائي.

گرامي صاحب سنڌ جي هن منفرد شاعر لاءِ هونئن تہ گهڻو ڪجهہ لکيو آهي پر سندس هي راءِ وڏي وزنائتي آهي تہ "تاريخ گدائي جي عظمت کي ڪڏهن بہ فراموش نٿي ڪري سگهي." (گرامي، 1975،21)

ون يونٽ ٽُٽڻ تي سنڌ ۾ جيڪا خوشي جي لهر اُڀري تنهن کي گدائي هيئن منظوم ڪيو آهي:

صبح جو برق جي لهرن — اچانڪ خبر پهچائي
تہ پنهنجي مارئي خيرن سان — ماڳن تي وري آئي
جنهين کي جبر سان يونٽ جي — قيدن ۾ ڪڙيو ويو هو
مبارڪ سان سهاڄهي سنڌ — سانگين آهي موٽائي
وطن جا جهنگ جهر ٽر ٻر بہ — اڄ ٽهڪن ٽڙن ٽا پيا
لُڏي لامون لئين جون ٿيون — ڏين هڪٻئي کي واڌائي
ڪلن ٿا ڳوٺ ويڙها وستيون — مارن ملوڪن جون
پکا پهنوار ڀهڪن ٿا — سنگهارن ۾ آ سرهائي
نہ قربانيون وسرنديون جي — ڏنيون جيجل جي پروانن
جيئن جوڌا سدا، جن — مارئي ماڳن تي موٽائي
مبارڪ مارويون پنهنجون — رکي جن لاڄ لوئي جي
رهي پنتي نہ پائن کان — ڪڏهن ڏڪا سنڌ جي ڄائي
ادي اختر کي ڊيڄايو نہ — هرگز جبل جي جيلن
مبارڪ مارئي جي جنهن — وري تاريخ دهرائي
نہ لانين کان ڊني هرگز — نہ گولين کي ڏهڪايو
وطن جي چاهہ ۾ — ديوارِ زندهہ سان ٽڪرائي
مبارڪ سنڌ جي جوڌن — جوان همت جوانن کي
پيچي پورا ڪري جن — ڪوڙ جي ديوار ڪيرائي
مٽايا سيڻ پنهنجا سون تي — جن بي لڄن يارو
پيچي پاڳا ڪيو جوڌا — انهن عمرن جي ارڏائي

اٿي لالڪاريو اڄ سنڌ جي — جعفر ۽ صادق کي
وطن وڪرو ڪري پيي ڪين — اڪ جن جي آ شرمائي
لڪي ليڊر ويا جي آمريت — جي تشدد کان
ٻرن مان ٻڙڪ پيي جن جي — ٻڌڻ ۾ ڪين ٿي آئي
اُهي غدار ٻيهر اڄ — هڻن ٿا سنڌ جا نعرا
اُهي جن پيٽ خاطر — سنڌ کي زنجير پارائي
دعا آهي تہ سنڌڙي جي رهي — شل سينڌ سينگاريل
هجي سانگين سندي منهن تي — هميشہ مُرڪ لالائي
انهن سنڌي اديبن جي — قلم کي پيي سلام آهي
ڏني جن نوجوان جوڌن — جي ذهن کي توانائي
گدائي زندگي گهوري — گهمائج سنڌ جي خاطر
مبارڪ جان آ جيڪا — مٺي جيجل جي ڪم آئي.

عبدالڪريم گدائي جي سموري شاعريءَ جي مطالعي کان پوءِ اسين ان نتيجي تي پهچي سگهون ٿا تہ گدائي پنهنجي پنجاهہ سالن جي شاعرانہ مشق سبب سنڌي ٻولي جي باشعور شاعرن ۾ شمار ٿيندي، انسان، ڪائنات ۽ فطرت جي ٻين تبديل ٿيندڙ حالتن جو ادراڪ رکندي، جنهن احساس جو اظهار نهايت گهرائي ۽ بلند پروازي سان ڪيو آهي، تنهن ڪيس ادبي تاريخ ۾ منفرد مقام ڏياريو آهي. گدائي سنڌ جي ترقي پسند شاعرن جي پهرين صف جو اهم شاعر هو.

**حوالا**


- گدائي، عبدالڪريم (1965)، ساٿيهہ جا سور، پيش لفظ: شيخ اياز جيڪب آباد سنڌ: ضلعي ترقياتي ايسوسيئيشن.
- گدائي، عبدالڪريم (1975)، پکڙا ۽ پنهوار، مهاڳ: غلام محمد گرامي، جيڪب آباد سنڌ: . ضلعي ترقياتي ايسوسيئيشن.
- قادري، اياز (1984)، سنڌي غزل جي اوسر، ڄام شورو سنڌ: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي.
- گدائي، عبدالڪريم (1975)، پکڙا ۽ پنهوار، سڄڻ جا سنيها: جيڪب آباد سنڌ: ضلعي ترقياتي ايسوسيئيشن.